شاہ
پسون سنسار

ءِ پسون سنسار

ر آهي شاهہ جو، خود زندگي اسرار آهي!
عري پوشاڪ مان پيغمبري اظهار آهي!
ن حقيقي سمنڊ ۾، اُنهيءَ سدا غوطا هڻي!
ـي بها موتين جو آندو، اڻ ميو ڀنڊار آهي!

— ڪوي ٻيوس

— ڪمل پياسي

Shah Ain Pusoon Sansar

(Scientific Research on Shah's literature)

By
Kamal M. Kewalramani 'Pyasi'
Deputy Director of Fishries. Veraval. Guj.

First Edition 1986

Serial Publication in 'Sindhu Dara' weekly In 1963

Price Rs. 15/-

Published By:
Anita Kamal Pyasi
'Pyas' Publication
A-2, Govt Fisheries Colony Rajendra Bhavan Road: Veraval.

Pyas Publication
Book No. 4

شاهه ۽ پسون سنسار

(شاهه جي رسالي تي وگيانڪ کوجنا)

رچيندڙ:
ڪمل ميوارام ڪيولراماڻي "پياسي"
ڊپوٽي ڊائريڪٽر آف فشريز
ويراول (گجرات) ٣٦٢٢٦٥.

ڇاپو پهريون ١٩٨٦

"سنڌو ڌارا" هفتيوار ۾ هلايل قسطون سال ١٩٦٣

قيمت: ١٥ رپيا

ڇپائيندڙ:
انيتا ڪمل "پياسي"
"پياس" پبليڪيشن
اي-٢، سرڪاري فشريز ڪالوني، راجيندر ڀون روڊ ويراول.

پياس پبليڪيشن
پستڪ نمبر ٤.

اُميد بر ثواب

بواسير جي پيڙا ڪارڻ بستري داخل هوس ۽ جڏهن سور جون سوئون اُپرنديون هيم تڏهن شاهه جي رسالي کي پڙهڻ مان ڪجهه مانسڪ راحت پراپت ٿيندي هيم اُئين روزانو رسالي جو گرهڻ ڪندي پروڙيم ته شاهه هڪ وگياني شاعر به آهي ۽ ويچار آيم ته ”شاهه جون تصويرون“ جي تاثرات تي ڪجهه کوج ڪيان ۽ اُئين ڪندي جڏهن ”شاهه ۽ ڪونج“ تي هڪ رچنا لکيم ته لڳم ته شاهه علم حيوانيت (Zoology) جو به ڄاڻو آهي، بس پوءِ ته شاهه جي اونهي ابياس ڪَـي لڳي ويس ۽ اُهو سلسلو ۱۹۶۱ ۾ ايترو وقت هليو، جيستين جافرا آباد (گجرات) کان ڦودا اچي آپريشن ڪرايو هيم. آپريشن ڪرائڻ کان پوءِ جڏهن اڪيل مواد وري پڙهيم ته لڳم ته ”شاهه ۽ پسون سنسار“ وشيه تي شاهه جي رسالي مان گهڻو ئي ڪجهه ڪڍي لکيو اٿم. ۱۹۶۲ع ۾ ”سنڌو ڌارا“ جي سمپادڪ منڊل سان لهه وچڙهه ۾ اچي، سنڌ سهڪار سان ان کوج ڪاريه کي قسطن ۾ شايع ڪرايم جي عام ۾ ڪافي پسند پيون، پر ڪتاب پبليڪيشن جڏهن ان کي ڇپائڻ لاءِ تيار نه ٿي تڏهن پاڻ تي پاريم ۽ ڪتاب کي ساهتيڪ سوجهري ۾ آڻڻ لاءِ ڪامياب ٿيس.

— ڪمل پياسي

شاھہ ۽ پسون سفسار

شاھہ جي صفتن جو ورنن ڪندي ھڪ اديب آکيو:
”شاھہ جي ڪلامن ۾ جڳياسو لاءِ چوڪسي روح رھاڻ موجود آھي. شاھہ سھلاني، شاھہ شاعر، شاھہ وطن پرست، شاھہ عارف، شاھہ عالم، شاھہ الھادي، شاھہ الھاسي، مطلب تہ جنھن روپ ۾ ديدار ڪبو تہ انھيءَ روپ جي لھہ ۾ حقيقت جتي ڪٿي ساڳي، معنيٰ طالب لاءِ اڪنڊ.“

ٻئي ھڪ اديب راھ ڏني: ”شاھہ عوامي شاعر آھي، سندس ڪلام عوامي ۾ ڪھاڻين جي رنگ ۽ ان دور جي معاشي حالتن جــو تنقيدي جائزو آھي. سندس زندگيءَ ۾ الاھي عشق جي مستي آھي. شاھہ جو ڪلام مولانا روميءَ جي عربي شاعر ابن الغاص کان ڪنھن بہ صورت ۾ گھٽ نہ آھي.“

ٽئين اديب ظاھر ڪيو: ”شاھہ لطيف دنيا جو بي-مثل شاعر آھي. سندس ڪلام ايترو پر ڪشش با معنيٰ ۽ سادو آھي، جنھن کي ڳوٺاڻا بہ ڳائين ٿا. پسند ڪن ٿا ۽ سمجھن ٿا.“

چوٿين اديب لکيو: ”شاھہ جو ڪلام استعاري ۽ ڪنايي جو بھترين معنيٰ خيز شاھڪار آھي. شاھہ صاحب

ساڳئي ساهتڪار جا ٻيا ڇپيل ڪتاب

ناول ترجمو: ٻہ آواز هڪ پڙاڏو.

ناول اصلي: هڪ هوُ- ٻي مان.

ڪويتا: گيت منجري، ڇولين ماريا شال (انعامي)، گيت گنگا جا گهاٽ (پريس ۾)، هري سمرڻ، سڻ سباجها سپرين، هري چاليسا، سدا ساريان سپرين.

ٻال ڪويتا: ٽمڪندڙ تارا، پنکڙيون گلاب جون (انعامي)

ٻال ڪهاڻيون: سائي جهنڊي، ڏائڻ جي شادي.

ڪهاڻي سنگرهہ: سهڻا سهڻا گل، سمنڊ سمايو ٻوند ۾، اماس جي رات، ڪچا ڌاڳا-پڪي ڏور، شيرين (انواد)

جيوني: سنمک منهنجا سپرين، ناڪر اڪيلين نار (تيار)

آنيتا ڪمل پياسيءَ جا ڪجهہ ڪتاب

استري درشن (انعامي)، سندري ۽ سينگار، ڪٽريا- ڪنڊ هار (انعامي).

ان کانسواءِ هن ساهتيڪار جوڙي جون الڳ رسالن ۽ اخبارن ۾ اڪيچار ڇپيل رچنائون.

ڀسون سنسار ۽ استري جڳت جا ڪالم لکندڙ

ٽائين اديب شاهه جي زندگيءَ ۽ ڪلام بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، ”شاهه پنهنجيءَ شاعريءَ ذريعي زندگيءَ کي پيش ڪيو آهي، جيڪي رات ڏينهن محنت ڪري پنهنجي روزي ڪمائين ٿا. شاهه بين الاقوامي حيثيت جو شاعر آهي، جنهن تي نه صرف مشرق کي پر مغرب کي پڻ فخر رهندو.“

ڏهين اديب وري چيو: ”شاهه جي فن زندگيءَ کي اساريندڙ ۽ سنواريندڙ فن آهي. شاعر جي ڪلام ۽ فن لئي اصل سنڌ ۽ سچي سنڌين کي فخر آهي. سنڌس سماجي شعور، مشاهدا ۽ تجربا، رايا ۽ نتيجا، نهايت تعميري، پائدار ۽ زندگي بخش آهن.“

هنن راين مان اهين ڏسڻ ايندو ته هنن نقادن شاعر جي صوفي ۽ روحاني خيالن کي پڌرو ڪيو آهي پر ڪنهن به شاهه کي هڪ نفسي ۽ راز فاش ڪندڙ کوجنڪ طريقي پڌرو ڪين ڪيو آهي. هر ڪو سائنسدان پنهنجي اردگرد جي هر ننڍيءَ وڏي چيز کي باريڪيءَ سان جاچيندو آهي ۽ پوءِ ان جو اکين ڏٺو ورنن ويندو آهي پاڻ وٽ درج ڪندو ۽ ان مان پيدا ٿيندو آهي، سنڌس اٽڪ محنت جو نقش، جنهن کي وگيانڪ کوج (SCIENTIFIC RESEARCH) چئبو آهي. انهيءَ لحاظ کان شاهه کي به هڪ بهترين ”جيو وديا جو ماهر“ (ZOOLOGIST) ڪري ڪوٺي سگهي ٿو. هن پسن

جو شعور هڪ باب‌صيرت، نقاد ۽ زندگيءَ جي صالح ۽ صحيح معيارن کي سمجهندڙ شاعر جو شعور آهي.

پنجين اديب فرمايو: ”ٽرمپ اول اول رسالي کي گڏ ڪري ڇپايو ۽ رسالي تي عملي رنگ ۾ تمهيد لکي - سورلي شاهه جي ڪجهه سرن کي گڏ ڪري ڇپايو ۽ شاهه جي دور جو سياسي، تاريخي، معاشي ۽ سماجي پس منظر لکيو آهي. ماڻي شمل به بدرجا ۾ آيو آهي ته شاهه جي ڪن سرن جو جرمن زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ ايلسا قاضيءَ شاهه جي بيتن جو انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي.“

ڇهين اديب وري ائين چيو: ”شاهه لطيف واقعي جامعيت وارو، باعمل صوفي شاعر آهي. سندس فن ۽ پند و نصيحت کي انساني ذهن ۽ شعور جي تشڪيل ۽ تعمير ۾ وڏو حصو آهي.“

ستين اديب ته صاف کولي چيو: ”شاهه لطيف جي خصوصيت اها آهي ته سندس خطاب ۾ آفاقيت آهي.“

اٺين اديب سمجهايو: ”شاعر ٻين چيزن جيان ٺاهيو ۽ ٺهندو نه آهي، بلڪ هو قدرت طرفان ايندو آهي ۽ پيدائشي شاعر هوندو آهي، جيڪو حق جو پرچار ڪندو آهي، جيئن اسان جو شاهه لطيف.“

ساموڊي جيو:- سپ
جيت:- پتنگ، ڏيمو (جنبور)، ڀونئر.
پاڻيءَ ۾ ترندڙ جيو:- واگهه، مانگرمڇ (ميگر، باگو)
مڇين جا قسم:- ڪيڪي، مڇي، مڏ، ڏنيرا، مڇڙا.
زمين تي رهندڙ جيو:- نانگ، ڪپر (ڪاريهر).
هوا ۾ اڏامندڙ جيو:- ڪانگ (ڪنياتا، ڪانگڙا،
ڪانو، راغ)
۽ ٻيا پکي، جهرڪ، ٻيها، هماءِ، آڙهون، تاڙا،
ڪانيرو، للن، باز، ڪوئل، ڪونج، چتون، ڳجهه
جهرڪي، مور، هنج ۽ ٻگهه.
زمين تي هلندڙ چوپايا جانور:- هرڻ (روجهه، مرگهه)
گهوڙو (دڙل، تازي، ڪاڻ، پانچارٽن، ڀور ڪرالي)
اٺ (گنگو، ٻوتو، جانگل، ليڙو، جهاز، مهري، ڪرهو
ميو، شتر، ڪدوات، توڏو، وهڙو، دوڪ ۽ ٽيشو)
گڏهه (مهڪارا) مينهون (ڪٽون، ڪنديون، ڀولايون،
رايون، ڀوريون)، گابا، ڪتا (ٻانڊو)، ٻڪا، سرهه (ڦاڙهي
جهڙو جانور) شينهن (ڪيهو) لڌڙا، هاٿي (فيل)
رڍون، ٻڪريون (ٿهون)

- ساموندي جيو -

سپ:- ساموندي جيون ۾ شاهه حرف سپ جو

جي هر ڳالهه کي ٻاريڪيءَ سان جاچيو آهي ۽ سندن اُهي عادتون ۽ روانيون پنهنجن بيتن ۾ اهڙيءَ طرح سُندر نموني بيان ڪيون آهن جو پڙهڻ سان واهه واهه ڪريو وڃي.

ڪيترن هنڌ ته شاهه صوفين سان رُلن ڪندي، جي ٻه جيو ڏٺا، انهن جو ورنن ڪيائين. مثلا ڪراچيءَ کان حب نديءَ رستي ويندي رُوجهه ڏسي چيائين:

روجهه ڏٺاسين رات، هوت ڳولهيندي حب ۾،

اچن پيرن واري هرڻ کي روجهه چوندا آهن، جي ماڻهن جي ڊپ کان لڪي ڇپي رات جو، نديءَ تان پاڻي پيئڻ ايندا آهن.

وري هڪ دفعي فقيرن شڪايت ڪئي ته پٽ تي ڏاڍا مڇر آهن ته پاڻ فرمايائين:

"اَبا! مڇر توهان جا سڄڻ آهن، جو اوهان کي غافل ننڊ نٿا ڏين ۽ سدائين پيا اِهو دهرائين ته سستي ڇڏيو ۽ اُٿي رب سان اوريو." اهڙيءَ ريت هن پتنگ کي سچي عاشق سان ڀيٽ ڪئي آهي. اُن کي الله جو وهٽ ڳري پڌرو ڪيو آهي، ته ڪانگل کي محبوب ڏانهن نياپو پهچائيندڙ قاصد. ساري رسالي جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان پتو ٿو پوي ته شاهه اڪيچار پسن جو ورنن ڪيو آهي، جن کي جيو وديا جي ورهاست انوسار هيٺئين نموني ناهي ٿو رکجي.

سپ سمنڊ سپجي، لڌي ٻهي نه نير؛
جن هوءِ آجر آسري - تن ۾ موڻ من ملير.

هن ساڳئي خيال کي شاهه ٻئي نموني ۾ دهرايو آهي:

سپ سمنڊ ۾ن سپجي - آهر آسار وس،
ماڻڪ تي مڙهوس، جنءَ لڌ، ڪڍيائين لار ۾.

شاهه سپ کي ٻيري (ٻن پڙن واري) چئي، جيو جي بناوٽ (MORPHOLOGY) ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، جنهن هرهڪ سائنسدان ڪرڻ چاهيندو آهي موتي ٺهڻ جي ترڪيب کي بہ پڌرو ڪيو آهي. ساڳئي سپ جي مينهن لاءِ اُڪير کي ۾ ساراهيو آهي:

سڪو، سپ سر تون، سپن ملا سير
يا
سڪو سپن ڪان، سرتيون ريت سڪڻ جي.

چوڻ :-

جزم جيئن آهن، آهر آسري

— جبت —

جتيون ۾ شاهه صرف پتنگن، قدارتي ڏيهوءَ (جهنور) ۽ بهتر جو اُني وڙن ڪيو آهي. هي ٽيئي جيت "جيو ولڊ يا جي ورهاست" موجب هڪ تي ٽوليءَ جا جيو آهن.

ورنن سرمارئي ۽ سر سارنگ ۾ ڪيو آهي. شاھ
ٻهرين ئي اهو پڌري پٽ ظاهر ڪيو آهي ته سپ
سامونڊي جيو آهي، جڏهن چوي ٿو:

سپون جي سمونڊ ۾، آيُن سج نهارين.

هت شاھ سپ کي سمنڊ جو جيو ڪوٺڻ سان گڏ
سنڌس بادل جي بوند لاءِ اُڪير ڏانهن به اشارو ڪيو
آهي. اڳ اهو مڃيو ويندو هو ته سپ ۾ جو ملهائتو
موتي ٿو ٿئي اهو لڌ هن، جڏهن سپ بادل جي ڦڙي
کي سڌو پاڻ ۾ جذب ٿي ڪري. البت اڳ اج جيان
وگيان ترقي ڪانه ڪئي هئي جو چئجي ته موتي به
ته پرڌز جو اڻو ۽ پرماڻو (ATOM AND MOLECULE)
آهي جو سپ جي مشڪن مان نڪرندڙ ڪيميائي
لڪش جي چڙهندڙن تهن ڪانپوءِ موتي بڻجي تيار ٿو
ٿئي. لڳي ائين ٿو ته سپ ۽ موتيءَ واري چوڻي ١٩
صديءَ کان به اڳ جي آهي، جنهن ڪري ئي شاھ
ان جو ورنن ڪري سگهيو آهي.

اڳ جي چوڻيءَ انوسار سپ نت نئين سج ڏانهن
نهاري بادل جي قطري لاءِ ٻاڏائيندي هئي. سپ
ڪڏهن به ساگر جو پاڻي ڪين پئي. سپ سمنڊ جو
جيو هئڻ ڪري سدائين ڪڪر جي پاڻيءَ لاءِ واجهائي
سپ جي صدق کي شاھ ماروئيءَ جي ملير لاءِ سڪ
سان ڀيٽيو آهي:

(٣) انهن ٻن عادتن کان سواءِ هيءُ جيو گرميءَ جو سيڪ به، ڪي قدر پنهنجي جسم ۾ جذب ڪري سگهندو آهي؛ ۽ جڏهن ور ور لاٽ ٻاهر، شعلي ۽ الي مٿان ڦيرا پائيندو آهي تڏهن انهن جي وچ ۾ وڃيو پوي ۽ گرمي پڻ سندس بدن ۾ وڌي ته پاڻ ۾ ختم ٿي وڃي.

شاهه جو چوڻ آهي:

پيچ پتنگن ڪي، سڻيون ڪاڻ خبرون
اٿيو وڃن اڳ ۾، جيءُ پڇو جي.

يا

پوي پتنگ آئيا، مڙي مٿي مچ،
اوڏا ڏٺا اڳ ڪي، سڙ يا مٿي سچ.

يا

ٻري پتنگ آئيا، سري وٿ ساهي
اچي پٺا اڳ ۾، ڪڏي سب ڪاهي.

يا

پوي پتنگ آئيا، سري سهائي هيٺ،
ٿيندا ونياري ڏيٺ، مٿو ڏيندا مچ ڪي.

پوئين بيت ۾ شاهه پتنگ جي هڪ ٻيءَ عادت جو به ورنن ڪيو آهي، جا اها آهي ته هيءُ جيو پاڻ ڪي اڳ ۾ اڏيڻ ڪرڻ لاءِ پوري پورن پنهنجو مٿو ٿي اندر ڏوڪيندو آهي ۽ پوءِ پنهنجو جسم. پتنگ جي هن

پتنگ: ساري رسالي ۾ شاهه پتنگ جو ورنن صرف سُر يمن ڪلياڻ ۾ ڪيو آهي. روحاني راز جي گهرائي ۾ وڃبو ته شاهه سچي عاشق کي اُئي پتنگ جي مجازي صورت ٺهرايو آهي. پر جي حقيقت کي ونبو ته شاهه پتنگ جو ورنن ڪندي پتنگ جي ٽن عادتن جو ورنن ڪيو آهي.

(۱) جيو وديا انوسار پتنگ هڪ اهڙو جيو آهي، جنهن کي رنگ جي خبر پوي ئي ڪانه. دنيا جا مڙيوئي رنگ هن لاءِ هڪ قسم جا ڌنڌلا پاڇولا ٿيو پون، جن کي سڃاڻڻ جي هن کي بوجهه پهچي ٿي ڏسجي. انهن پاڇولن مان به ڳاڙهي، نارنگي ۽ پيلي رنگ جي پاڇولن تي پتنگ جلد هرڪيو پوي ۽ جيئن ته اگنيءَ ۾ انهن رنگن جو ميل البت وڌيڪ آهي، انهيءَ ڪري هو اگنيءَ ڏانهن جلد ڇڪجيو وڃي. البت هو اهڙن رنگن جي گلن تي به جلد مست ٿيو پوي.

(۲) پتنگ ۾ البت سمجهه جي ڪجهه ڪمي ٿئي ٿي، جنهن ڪري ڪيس اهو خيال ڪين اچي ته جنهن مٿان هو لامارا هڻي رهيو آهي، اهو آگ جو اُلو آهي، ڏئي جي لاٽ آهي يا شمع جو شعلو آهي. سندس انهن رنگن ڏانهن ڪشش جو مثال ان مان به ملندو، جو پتنگ شمع، ڏئي، آگ ۽ بتي مٿان ڦيرا پائيندي هاڻ بجليءَ واري زماني ۾ بجلي بلبن مٿان به ڦيرا پائيندو آهي.

آهي. شاهه جي چوڻ موجب هن ڏ ڀنڀوءَ جي ڀون-ڀون
ننڊ ڦٽائي ٿي سگهي.

جاڳايس جنبور - ڪتي ڦريئن ڪي.

ڀونئر: ساري رسالي ۾ شاهه ڀونئر لاءِ صرف ٻه سٽون ڪم آنديون آهن، پر انهن ٻن سٽن ۾ شاهه ڀونئر جي ڪيترين ئي عادتن جو ورنن ڪيو آهي.

اچي ڀونئر ڀنڀوليا، ٻاٽي ٿهين ٻُون (سر مومل راڻو)
ڪونر ٻاڙون پاتال ۾، ڀونر ڀري آڪاس (سر ڪارايل)

ڀونئر هر ڦول جو واس وٺندو آهي، ڇو ته هو سڳند جو شيدائي ٿئي. سڳند جي پٺيان مست ٿيندي ڀونئر اهو به جاڻي نه سگهندو آهي ته گل جو قسم ڪهڙو آهي ۽ گل ڪهڙيءَ جاءِ تي آهي. يعني گل باغيچي ۾ آهي، گلدستي ۾ آهي يا ڪنهن عورت جي چوٽيءَ ۾ آهي. شاهه نه انهن به چيو آهي ته ڀونئر چندن گل جي خوشبودار تيل جي سڳند تي به مست ٿي اچي ڦيرا پائيندو آهي. هن اها بيت مومل جي سينگار سان ڪئي آهي. شاهه چوي ٿو ”مومل سيني سهيلين ڏان وڌ ڪ چندن جي خوشبودار تيل سان چوٽا چڪ ڪري ونئي هئي ۽ ان تيل جي سڳند اهڙي ته هئي جو ڀونئر ٻاڻ ڀنڀلي اچي ان مٿان ڳاهٽ ٿيا. اهڙيءَ ريت جيڪي شهزادا مومل جي سرهاڻ مان واس وٺن ٿا، تن

عادت کي صرف شاهہ ئي ورنن ڪيو آهي، ڇو تہ ڪنهن بہ جيو وديا جي ڪتاب ۾ پتنگ جي هن عادت جو بيان ٿيل ڪين آهي. ڪنهن ڪانسواءِ پتنگ جڏهن پاڻ کي آڳ ۾ ارپڻ ڪرڻ لاءِ اچي ٿو تہ پاڻ هڪ نہ آهي، پر ساري ڪٽڪ سان اچيو قربان ٿئي. هن مان هن جيو جي سهڪاري سڀاءَ جي خبر ٿي پوي.

پتنگن پهہ ڪيو، مڙيــا مٿي مچ،
پسي لهس نہ لڇڻا، سڙيا مٿي سچ،
سندا ڳچن ڳچ، ويچارن وڃــائيا.

شاهہ پتنگ جي ان صفت کي انسان اڳيان پــدرو ڪندي، گهڻو ساراهيو آهي. شاهہ چوي ٿو: ”ٻچڻ گهٽا پچائيا، تون پچڻ کي پچاءِ.“ عشق جي باهہ مان اچي، رواجي باهہ کي درهم ڪر.

پتنگ چائين پــارو کي، تہ اچي اڳــ اجهاءِ،
پتنگ چائين پاڻ کي - تــہ جيري پوءِ جاڻي.

يــا

پتنگ چــائين پاڻ کــي، پسي مچ م مــوت.

ڏينڀو: شاهہ صرف قنداري ڏينڀوءَ (جنبور) جي عادت جو ورنن ڪيو آهــي. هن جيو جي ٻڙن - ٻڙن بين ڏينڀن، جهڙوڪ پيلو ڏينڀو، چيلاٽو يــا جهنگلي ڏينڀو (سونهري رنگ وارو) جي آواز کان سرس ٿيندي

واڌارو ٿيندو رهندو آهي. ان جو اشارو شاهه به ڏنو آهي.

واڳهوءَ کي شاهه ماڱرمڇ ۽ ميڪر به ڪري ڪوٺيو آهي. هن جيو کي خوفناڪ جيون جي قطار ۾ ڳڻيندي شاهه سر گهاتو ۾ ان جو اشارو ڏنو آهي ته هن جيو کي مارڻ سان ملاحن کي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي، جنهن شڪاريءَ کي شينهن چيتي يا لومڙ کي مارڻ مـان ٿيندي. شاهه ته ائين به چيو آهي ته هيءَ جيو پاڻيءَ ۾ ايترو سولو ليئي ئي ڪين ٿو ته هيءُ جيون پاڻيءَ جي تري جو جيو آهي. هيٺين سٽن ۾ شاهه جي مٿين خيالن جو خلاصو ملي ٿو وڃي.

ڳهه رندي گهور ڀنا - گهور گهور ياٿون
ميڪر مارياٿـون - مـلاحن مهه سزا (سر گهاتو)

(ڳهورندي = گهمندي، گهور = ڪن، اگهورو = نـ ايندڙ، ميڪر = واڳهو، مهه = منهن، سزا = سرها)

مڇيون: مڇين جو ذڪر ڪندي، شاهه جن مڇين جو ورنن ڪيو آهي، سي آهي-

ڪکي، ڇيڇي، ڏنيرا (CAT FISH)، مڇرا ۽ مڇ (SHARKS, SKATES & RAYS) مڇين جي

مٿين ذاتين مان خبر ٿي پوي ته شاهه صرف کاري پاڻيءَ جي مڇين جو ئي ذڪر ڪيو آهي.

شاهه جيتوڻيڪ مڇ ۽ مڇرا جـو اشارو نفس ڏانهن ڪيو آهي، پر ڏسجي ائين پيو ته شاهه کي مڇين سان

ڪي اهڙو ڪو عشق جو اُڌمو اچيو وڃي، جو رت روئندا وڃن.

سرڪار ايل ۾ شاهه پنهنجي آڪاس ۾ گهمڻ ڦرڻ جي عادت کي "پرڻ" لفظ سان چمڪائي ڇڏيو آهي.

- پاڻيءَ ۾ ترندڙ جيو -

واڳهو: پاڻيءَ ۾ ترندڙ جيو هونئن ته ڪيترائي ٿين، پر شاهه صرف واڳهوءَ، مڇ ۽ مڇين جي ڪن قسمن جو ئي ورنن ڪيو آهي.

واڳهوءَ کي شاهه ٻاگهو به ڪري ڪوٺيو آهي، سر سهڻيءَ ۾ شاهه چوي ٿو:

ڪر ڳل ڪوچ ڪن گهڻا، جت جر واڳو جتائين

يا

بيحد ٻاڳو ٻحر ۾، هيبتناڪ هزار

هڪڙي سٽ ۾ شاهه چئي ويو ته واڳهو (CROCODILE) درياهي جيو آهي، تمام خطرناڪ آهي ۽ پاڻيءَ ۾ هڪ نه پر هزارن جي تعداد ۾ رهن ٿا. جيو وديا شاستر موجب اهو ڏنو ويو آهي ته هيءُ جيو ڪڏهن به پاڻيءَ جي تلاءُ، ڪڏ يا نديءَ نهر ۾ سدائين هڪ ڪان مٿي هوندو آهي ۽ نر ۽ مادي سدائين ڪٺا رهندا آهن. نر ۽ ماديءَ جي ڪٺي رهڻ ڪرڻ سان سندن ڪٽنب جو

ٽڪيدي ڪلين وچ ۾، جڏهه هڻين جن،
يا
ٽنڍي ڪلين وچ ۾، جڏهه هنيائون،
اُڦت نه ماريائون ڏور ڏيئي ويا ڏکه جاه. (سُر ڏهر)

اِئين ڪرڻ سان مڇي به ٻڌهجو وار ٽنڊي آهي. ساڳيءَ ڳالهه کي شاهه 'اُڦت نه مارڻ' سان دهرايو آهي.

ڳراوٽيءَ زال "ڏنيرو" مڇي ڏاڍي شوق سان کائيندي آهي ۽ اڳه ان مڇيءَ جو واهپو به عام ۾ چڱو هوندو هو. اڄ وري ان جي جاءِ "پاپليٽ" اچي ورتي آهي. ڏنيري جو واهپو ان ڪري به هو، جو هيءَ مڇي ڪاري ٻوڙي مٺي پاڻيءَ ۾ ٿئي ٿي. شايد شاهه جي ڏهن ۾ هن مڇيءَ جا ٻيا وڪامڻ ۾ ايندا هجن، جنهن ڪري نه شاهه چيو آهي:

ڏڪا ٻوءِ بازار ۾، ڏڪا چلر چٽ،
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اڪٽ،
سي پر پئو پٽ، ماڙهو وڃن موٽيا. (سُر گهاتو)

"چلر چٽ" چوڻ سان شاهه وڳيان جي ٿهه ۾ ويو آهي، جو نه هن مڇيءَ جا چلر ٻين جي ڀيٽ ۾ جلد ڪرو ٻون ۽ شاهه انهيءَ وڳيان جو بار ڪيءَ سان بيان ڪيو آهي.

TABLE FISH مڇڙا يا مگري مڇيءَ کي عام طور (عام طور کائڻ لاءِ ڪم ايندڙ مڇي) ڪري ڪين

گڏ مهاڻن ۽ سنڌن جارن جي ته گهڻي خبر آهي: اُنهن ٻهو پاڻيءَجي ته شاهه متسيه وديا (FISHERIES) جو به ان وقت کان ئي پارکو آهي، جنهن وقت ان وگيان کان عام اڻڄاڻ هو. شاهه جڏهن چوي ٿو:

جان جر هئڙو حال، تان ڏون مڇ نه موٽين،
پوندي اچ ڪ ڪال، سانپيون سانگن جون.
(سر ڏهر)

(جر = پاڻي، حال = گهڻو، سانپيون = مڇين ڦاسائڻ جا رڇ، سانگن = مهاڻن)

ته شاهه ان ڏانهن ٿو اشارو ڪري ته مڇ گهري ۽ اونهي پاڻيءَ ۾ رهندڙ جيو آهن، جيسين سنڌس پسگردائي جو پاڻي گهٽيو نه آهي، هيءَ مڇي رهڻ جو هنڌ ڪين مٽائيندي آهي.

شاهه کي مڇين جي بدني بناوت جي به ڪافي جاڻ ٿي ڏسجي، جڏهن شاهه مڇ کي متاري مڇي ڪري ٿو ڪوٺي:

متو آهي مڇ - ڏلهو ٿيو ڏونا هڻي. (سر ڏهر)

واقعي ترار منهنون مڇ (SWORD FISH) پنهنجي ڏار ٻنهي طرف ڦيرائي (ڏوٽا هڻي) پنهنجي لاءِ شڪار ماري کائيندو آهي. مگر مڇيءَ کي جار ۾ نه ٻر ڪنڍيءَ سان ڦاسائبو آهي، اهڙي جاڻ شاهه کي به آهي، جو چوي ٿو:

ڪينجھر ڍنڍ جي مهاڻن جو ذڪر ڪيو آهي، جي ڪارا ۽ ڪوجها هوندا آهن. شاهه نوريءَ جي واتان چوائي ٿو:

ڀسي ڪڪي ڪوڙ، مٿا ماڳر موئين
(ڪڪي = مڇي، ڪوڙ = داغ، ماڳر = منهن)

انهن مهاڻن جو ڪاڙوٺي هوندو آهي مڇي؛ شاهه پڻ ان جو ورنن ڪيو آهي.

ڪاڄ جڏين جو ڪکيون، مال جڏين جا مڏ.
(مڏ = مڇين جا ڀڀر)

مهاڻن جي نه رڳو پوشاڪ مان مڇيءَ جي بوءِ ايندي آهي، پر "هنن مڇي پڪڙيندڙن" جي گهر جي چيزن ڇهڙوڪ ڪارين، چارن، ٽپڙن ۽ ٽپڻن مان به مڇيءَ جي بوءِ ايندي آهي.

ڀار، ڀون، ڪارٺون، ٽيڄ ٽپڙ ڀونءِ جن جي محبت مڇيءَ ساڻ.

ٻيا

ڪکيءَ هاڻيون ڪارڀون - ٽپڙ هاڻا ٽيڄ.

نوريءَ جي واتان شاهه مهاڻين جي عورت جو بيان ڪيو آهي.

ڪارڀون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مور نه موچاريون.

هيءَ عادتون اڪثر ڪري سڀني مهاڻن جي ذاتين ۾ ڏٺيون اٿم، ڇو ته نوڪريءَ جي گهيري ۾ مهاڻن سان رابطا ملڻ البت وڌيڪ اٿم. هنن مهاڻن کي راهه ڏيهن

لڳو آهي، ڇو ته هيءَ مڇي اگهه ۾ سستي هٿ
ڪري هوند وارن لوڪن جو کاڄ آهي، هن مڇيءَ
جي کُون ۾ ايتري صفائي به ڪانه ٿئي، جنهن
ڪري چڱا لوڪ اڪثر ڪري ان کان منهن پيا موڙيندا
آهن. مگر جڏهن بازار ۾ ٻي ڪا مڇي جي ذات نه
هجي ته پوءِ کائڻ وارا ٻيو ڪو چارو نه ڏسي هن
مڇيءَ کي به کائڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن.

شاهه پڻ چيو آهي:

مون اُڪارڻا مڇڙا، الاهه گهاٽو آٽي.

عام طرح اها چوڻي آهي ته جتي پاڻي هوندو آهي
اتي مڇي به ضرور هوندي. مڇي پاڻيءَ جو جيو آهي
۽ پاڻيءَ کان ٻاهر نڪرڻ سان مري وڃي ٿي. پاڻيءَ ۾
رهندي به هوءَ ڪڏهن پاڻيءَ جو ڦڙو به ڪين پئي
شاهه چوي ٿو:

دائم جا درياهه ۾، سا مڇي ڪٿي ڪوهه؟
اُهس اي اندوهه، پاڻي ڪٿي نه پيان. (سر سهڻي)

شاهه مڇين جو ورنن ڪرڻ کانپوءِ مير بحرن جو
به ڪجهه ورنن ڪيو آهي، جن جي زندگي مڇين
سان ڳنڍي پيئي آهي. سندن پوشاڪ تي مڇيءَ کي
وڍڻ چيرڻ ڪري رت جا داغ هوندا آهن ۽ سندن
ساري جسم مان مڇيءَ جي بوءِ پيئي ايندي آهي.
شاهه سر ڪاموڏ ۾ نوريءَ ۽ جام تماچيءَ جي قصي ۾

ڪيو آهي، جا وڻائي رهي ۽ ٻڌڻجي قوت سان ئي انسان جا حواس گم ڪيو ڇڏي. سر آس ۾ شاه مٺي ڌهنڌڙ وڏي ناڻگ - ڪهڙ جو ورنن ڪيو آهي.

ڪنر کي ڪهڙ ڪاڻ - ناڻگ مٺيارو نڪري

ان ست ۾ ئي سگهي ٿو ته شاه ڪاريهر ناڻگ جو ورنن ڪيو هجي، جيڪو ٻڻ مٺ ڏيندو آهي. هت شاه جي هارڪيبنيءَ جي ڄاڻ ٿي پوي ته هن پسن جي عادتن کي ٻڌڻجڻ خيالن ۾ ڪيئن نه محفوظ رکيو آهي ۽ پوءِ ان جو عجيب نموني ورنن به ڪيو آهي. شاه نه اهو به اشارو ڏنو آهي ته ڪي ناڻگ جيتوٽيڪ سونهن ۾ سرس ٿين پر عادت ۾ اهي ٻه چڪ هڻن شاه جي چوڻ موجب ناڻگ تي ڪو به اعتبار ڪين ڪجي، چوي ٿو:

سونهپ ۾ سڀ گهٽا، منجهه نه ماڪي هوءِ.

(سرڪا هوڙي)

ناڻگ هڪ ڪم عقل جيو ٿئي، چڪ هڻڻ مهل نيس خبر ئي ڪين پوي ته هو ڪهڙيءَ چيز کي ٿو ڏنگي. وري هڪ دفعو جي هوڙن واريون زهر جون ٿوڙهيون خالي ٿيندس ته ان کي ڀرجڻ ۾ اٽڪل ٢٤ ڪلاڪ لڳي ويندس. انهن ٢٤ ڪلاڪن ۾ اگر اهو ناڻگ وري چڪ پائي ته ان جو ڪو اثر ڪونه ٿئي. سرڪار رائل ۾ شاه واسينگ ناڻگ جو ورنن ڪيو آهي جنهن

مڇي مارڻ ۽ وڪڻڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪم اُجھي ئي ڪين.

وٺي وينيون وات تي، ککيءَ جون ڪاريون.
مهاڻن ۾ صفائي بہ ڪا خاص ڪين ٿئي،
گند جن جي گود ۾، مڻن ٿي موڙيون

ان زماني ۾ شايد سنڌ ۾ مهاڻن جي حالت تمام سقيم ٿي ڏسجي ۽ پنن سان بدن پيا ڍڪيندا هوندا، جو شاهہ چوي ٿو:

گند جن جي گود ۾، پابوڙا (پنن جو قسم) پوشاڪ.

يا

گند جن جي گود ۾، پابوڙا پيغام (پهراڻ)

زمين تي رهندڙ جيو (REPTILES)

نانگ: نانگ ٻن قسمن جا ٿين؛ هڪڙا جي زمين تي رهن ۽ ٻيا جي پاڻيءَ ۾ رهن. انهن ۾ ٻہ ڪي زهري ٿين تہ ڪي وري وهہ سواءِ. شاهہ صرف جهنگلي زهري نانگن جو ئي ورنن ڪيو آهي، جنهن لاءِ اشارو ڏنو اٿس:

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سڀن نيلا
(سُر سسئي آبري)

شاهہ هت جهنگلي نيري رنگ جي بلان جو ورنن

رنگتائي ناڳ وري ٻئي قسم جا ٿين ۽ اهڙا ۽ موتمار ٿين جو انهن جي ٻڇڙيءَ ۾ ڦير ڦيو ناهي ته ناڳ جو ڏنگ لڳو ناهي. اهڙو ناڳ ٻريان ئي پڌرو ٿئي ۽ کهڙو به جوڙو ڇو ڪين هجي، اهڙي ناڳ جي سامهون مشڪل ٽڪي سگهي جيئن شاهه چوي ٿو.

آسڻ جن آريچ ۾، تن جي وهه جو ورن ٻئو. ڇو ته:

تن جو ڪنڌو ئي ڪم ڪري، جي مٿس ڦير ڦيو،
ٻريان ئي پڌرو؛ تن ناڳن جو نهو (بنياد)؛
ڪڏي (جنگ) وڃل کهو (کهڙو)، جو سامهون ٿئي
سڀن ڪي؟

هن ڪارتي ناڳ جو ڏنگ اهڙو ٿئي جو جنهنکي ڏنگي ان کي اُفت ماري ڇڏي، پر جي هو ڇڏي به ڇڏي ته سندس صحت ضرور خراب ٿئي، جيئن شاهه چيو آهي:

جي هڻي ڏنگ نه ساهڻو، وڃو ٿان نه وري
عيڪي ٿب مري، جيڪي سک صحت کي
(سرڪارايل)

ناڳ ٻاڻ جسم جو سنهو هجي يا ٿلهو، سندس زهر ۾ ڪو خاص فرق ٿئي ئي ڪين.

سنها ٿانءِ نه سپ - سڪا جنين ٻيت،
انهن جيءَ جهپيت، جنگن کي جوکو ٿئي.

۾ هن نانگ جي سياءَ تي چڱي روشني وڌي آهي. سندس چوڻ موجب نانگ جو اڇو به واسينگ جهڙو ئي خطرناڪ ٿئي، جو هاٿيءَ جهڙي جيو کي به ماري ڇڏي.

سنها ياڻ نہ سپ، وياءُ واسينگ جا
جنين جيءَ جهڙپ، هائي هنڌان نہ چري.

(سپ = نانگ، وياءَ = اولاد، جهڙپ = ڏنگ، هنڌان = انهيءَ هنڌ تان)

شاهه واسينگ کان پوءِ ڪڄر نانگ جو ورنن ڪيو آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ شاهه جڏهن جوڳين جي سنگ ۾ هئن سان ٽن سالن تائين گڏ رلندو رهيو تڏهن هو ڪيترن ئي نانگن جون ذاتيون سڃاڻي سگهيو ۽ جي ذاتيون هن بيان ڪيون آهن سي آهن. وهه واسينگ کهر (ڪاريهر) ۽ ڪڄر. ڪڄر جي بيان ۾ شاهه چوي ٿو تہ هو هڪ زهري نانگ جو قسم آهي ۽ ٿوڦ زمين تي رهي، هن قسم جو نانگ جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ سهڻو ٿئي، پر ڏنگ هڻ کرڻ ٿئيس. هن نانگ جو سياءُ وڏي ٿئي ۽ وير وڻڻ ڪانسواءِ هو رهي ئي ڪٿي.

آسڻ جي آريج ۾، اڪڙ وهه ڪري،
تن جا مهه ملڪن جهڙا، ٽڪو تا نہ ٽري.
جي انهين سان آڙي، تہ ڪانهي جاءِ مري جي
(سرڪارايل)

وڃن ۾ روڄ ٿي، ڪر چتونءَ جي چانگار،
اي عشق جي اُبڪار، نعرو آهي نينهن جو.

شاهه هت ريگستاني طوطي جو ورنن ڪيو آهي، جو رنگ ۾ ڪجهه ڪارسرو ٿئي، چهنب وڏي ٿئيس ۽ آواز ۾ چڱو ڪڙاڪيدار ٿئيس ۽ شاهه ساري رسالي ۾ صرف هڪڙيءَ اِـي سٽ ۾ چتونءَ جو بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ هن چتونءَ جي ذات، عادت، سڀاءَ ۽ بوليءَ جو ورنن ڪري ورتو آهي.

آڙيون ۽ ڦاڙا:- هيءَ پاڻيءَ جا پکي ٿين. ۽ بدڪن جي ذات مان اچن، هيءَ پکي مينهن ڦڙي لاءِ اوسيئڙو ڪيو ويٺو رهـي. مينهن ڦڙي جيان ٻيو پاڻي نه اُڇهيس لي ڪين. شاهه جو چوڻ آهي:

آڙيو آير آسري، ڦاڙا ڦنوارين (سر سارنگ)

هنج:- شاهه هنج لاءِ ڪيترائي اکر ڪم آندا آهن، جهڙوڪ: مور، هنج، ڪارايل، هنجڙا ۽ ڪنگ.

سرڪارايل ۾ (هنج) لاءِ شاهه چوي ٿو:

بگهن پاڻ هٽي اُڏامو آڪاس
جتي پرين سندا پاس، سوسر هٽي هنجڙو.

شاهه هتي هنج جي آڪاس ۾ اُڏڻ واريءَ صفت تي زور ڪيو آهي. مور هوائن نه آڪاس ۾ اُڏامڻ وارن پکين مان ناهي. ٿي سگهي ٿو مور جي اُڏام ۾ شاهه اهڙا اکر ڪم آڻي ويٺو هجي؛ باقي هن پکيءَ کي

نانگ منڊل وارا ئي اڪثر ڪري نانگ جي جڪ جو شڪار ٿين، تڏهن ته شاهه چوي ٿو:
ڪهر! گاروڙين (جوڳين) سڀن، وڏو وڏ ۽ وير.

هوا ۾ اڏامندڙ جيو (BIRDS)

شاهه ڪيترن ئي پکين جو ورنن ڪيو آهي. پر گهڻي ڀاڱي هن ڪانو، هنس، ڪونج ۽ مور جو ورنن ڪيو آهي. ٻيا پکي جي هن جي بيان ۾ اچن ٿا اهي آهن، پپيها، هماءُ، آڙيون، تاڙا، ڪانيرو للن، باز، ڪوئل، چتون، ڳجهه، جهرڪي، هنج ۽ بگهه. ورنن ڪيل ڪل پکي ٻن قسمن جا آهن، هڪڙا اهي جي پالتو ٿين ۽ ٻيا جي پالي ئي نه سگهجن.

پهرين قسم جي پالتو پکين ۾ چتون، آڙيون، هنج، باز، ڪوئل ۽ ڪونج اچي وڃن ٿا. باقي جي آهن، اهي يا ته پالڻا ئي نه آهن، يا جي پالڻ جي ڪوشش ڪجي ته تمام گهڻو وقت لڳي. عجب اهو جو شاهه ڪانو جهڙي پکيءَ کي قاصد پکي ڪري ڪونيو آهي، جنهن جو شرف هوندي به ڪبوتر کي ملڻ کپي، پر ڪبوتر جو ساري رسالي ۾ ڪو بيان ڪينهي. شاهه پکين جو بيان اِجهو هن نموني ڪيو آهي:

چتون: سر معذوريءَ ۾ هڪ هنڌ هن چيو آهي:

شاعريءَ ۾ ڪلپنا کي ڪم آندو ٿو ڏسجي. شاهه ٽي پکيءَ لاءِ حب ۽ پيار آهي، انهيءَ ڪري ئي ته ڪيس قرب مان "ڪُنگ" ۽ "پکيئڙو" ٿو ڪوٺي. (شاهه کي ٻين پکين سان به ايترو ئي پيار آهي) هيءُ پکي ٻرهين کان عام جو پيارو آهي، تڏهن ته هاڻ ڀارت جي راشٽريه پکيءَ جو مرتبو مليو اٿس. ٻڌمت ۾ پڻ هڪ وهم ويٺل آهي ته هن پکيءَ کي نه مارجي، نه ڌاڙجي؛ ڇو ته ائين ڪرڻ سان ڪوڙهه (Leprosy) جو روڳ لڳڻ ممڪن آهي. بادشاهه سالومن تي هن پکيءَ جي سونهن تي جڻ فدا هوندو هو. خود سرڳ جي راڻي "جنو" جا جهنڊو جي نشاني هئي، هن پکيءَ کي ڏاڍو پائيندي هئي. اليگزينڊر به جڏهن ڀارت تي ڪاهه ڪئي، تڏهن هيءُ پکي ڏسي سندس دل موهجي اٿي ۽ ڪيس مارڻ کان منع ڪرڻ جو اعلان ڪيائين. مغل زماني جو "طائوسي" تخت به هن پکيءَ جي شان جي بلندي تو ڪري، ڇو ته "طائوس" معنيٰ ئي مور.

شاهه کي جو هيءُ سهڻو ٿو لڳي اهو به سندس سونهن ۽ عادتن جي ڪري. هن پکيءَ ۾ اها عادت آهي جو ڪن ڪچڙي ڏانهن ڪڏهن به رخ ڪين رکي ۽ نه گندي پاڻيءَ جي حوض تي ويهي وهي. شاهه اهڙو اشارو ڪيو آهي:

اُهو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالهه رئو (ميرو ڪيو) ڪڪڙن
اهڙي لپ مرن، لنهه سر مٿي هنجها.

پکڙڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانهي. هو ٻوڙڻ ۾ سو ڏاڍو ٿڪا ٿين ۽ ٻوڙندي ٻوڙندي اهڙن هنڌن تي وڃي پهچن، جو پوءِ کين هٿ ڪرڻ ئي ڏکيو ٿيو پوي. وقت پٺيءَ مور اڏامندا به آهن، پر سندن اڏامڻ ڪو اوچ آڪاسي کين نٿي. گهرن جي هڪ ڇت تان ٻيءَ ڇت تي ٽپو ڏيڻو هوندس، يا هڪ وڻ جي چوٽيءَ کان ٻئي وڻ جي چوٽيءَ تي وڃڻو هوندس ته ڪٿي اڏامندو نه ته خاص ڪا اڏامڻ جي ڪوشش ئي ڪانه ڪندو.

عام طرح هن پکيءَ جي خوراڪ آهي ڌرتيءَ جا جيت، ٻين پکين جا ٻچا ۽ باغ جا گل. ڏکڻ پار تين جو وري چوڻ آهي ته اگر توهانجي باغ ۾ مور آهي ته ميلن ۾ نانگ نڪرندو ئي ڪين. ان مان ثابت آهي ته نانگ مور جو ڪاج ضرور هوندو. شاهه اڪثر هنج جي خوراڪ پاتال جا ملهائتا موتي چيا آهن:

پٿون (قيمتي موتي) جي پاتار، هنج تنهين جو هيرڻون
ڪنڌيءَ تي ڪيهي، هاج تهجي هنجرا.

يا

ٿئون حضوري (حاضر) هاڻ،

سوجها (خبر) پيس، سر (وسندي جاءِ) جي.

ڪنڌي (نڳ) لڌي ڪاڻ، (خزانو)، پکيڙي پاتار ۾،
هنج پکيءَ جي موتي چڳڻ جو ورنن ڪندي، شاهه

مانڪ (موتي) چوڙو (ڪاڳو) جنجو،
هنج حضوري (دوست) سي.
چلر (گپ) ۾ چهنب هڻي، مڇي ڪين نه اي،
لوڪ نه سڃاڻي (ڄاڻين)، جيلام پوڻن (گهمن) ٻگهن گڏ پاه.

شاه جي چوڻ موجب اهو ظاهر آهي ته ڄاڪاڻ ته هيءَ ٻگهي پنهنجيءَ عشق جي ڪري عام ۾ پيارا آهن، انهيءَ ڪري ڪين آزاد گهمندي ڦرندي ڪانه اوپرا ڪين لڳي، پوءِ ڪين اهو ڏپ نه لڳي ڪين ته ڪو ڪين مار ڀڃندو هو ۽ ڪين ٻنهين ۽ ٻاغن ۾ فخر سان گهمندا اوپرو ڪري گهمندو ڏنو آهي، نه ڪو اينرو ۾ شاه هن ٻگهيءَ جي عشق ۾ اهو به ٻڌايو آهي ته هيءَ ٻگهي ڪانوڻ جهڙن گدان ٻگهين سان انهه ڪين وهن. شاه ڇوي ٿو:

وڃا مور مري، هنج نه ڍهيو هيڪڙو
وطن لڳي ورتي، ڪوڙن ڪانيرن جو.

يا

سرهو سر وڃائيو، ڪوڙن ڪانيرن (ڪانون)
وڃا روهه وڃن، ڪم هڻائي ڪسان هنجڙا.
ان لاءِ شاه جو سبب ڏنو آهي، اهو آهي:
هنج مڙيوئي هنج، مير و منجهن ناهه ڪو،
جني رهن سنجهه، سو سر ڪن سرهو.
سدا ۾ هيءَ ٻگهي ڪينجهر ڍنڍ تي شايد گهٽي

نه رڳو ايترو پر شاهه ائين به چيو آهي ته هي پکي ٻگهه يا ڪنهن ٻئي پکيءَ سان ڀيٽي ٿي ڪين سگهجي.

هنجن سي هيڪار، جي ڳڻ (خيال) ڪري نهارين،
ٻگهن سين ٻيهار، ٻيلهه نه ٻڌائين ڪڏهين.

شاهه اڇي مور جو به ورنن ڪيو آهي. هيءُ اڇي رنگ وارا مور اصل جهان جا ٿين جي پسوءِ پارت ۾ سٻلان ۾ آندا ويا. ڪانون ڪي هن پکيءَ جي پيٽ ۾ شاهه تڇ ڪري ٿو ليکي.

للن (پکين) کي لطيف چئي، اڇي ساڻ اراڻ، (پيٽ)
ڪنگن لئي ڪاڻ، گڏيو هنج حبيب کي.

هندن جي وشواس موجب هيءُ پکي وديا جي ديويءَ سرسوتيءَ جو واهڻ ڪري ليکيو ويندو آهي. شاهه به ان ڏانهن اشارو ڏنو آهي.

پڻي لائي لڪ، گڏيو هنج حبيب کي.

يعني ته مور جڏهن روحاني خزانا هٿ ڪيا، تڏهن ته الاهه سان ملي هڪ ٿي ويو.

شاهه ته ائين به چيو آهي ته هيءُ پکي ماس خور ڪونهي. کهڙيءَ ريت شاهه کي اهڙو انيڀو ٿيو، سو چوڻ ڏکيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته شاهه روحانيت جي ويجهو ايندي، ڪيس هرڪا شيءِ روحانيت واري لڳندي هجي. شاهه دهرائي ٿو:

جنب وهائي چڙهيا، مل مونيءَا مير،
ان سين طبل باز، تبرون، کند، کٽار، کير،
علي پٽ امير، کندا راڙو روڪ سين.

شاهه ڪربلا جي جنگ جو احوال ڪيو آهي، جنهن ۾ حضرت علي امير جي پٽ سان رڪن جي ٿهيل هٿيارن سان گڏ ڍال، شڪاري باز، کهاڙيون، ڀالا خنجر ۽ برڇيون ڪم آنديون آهن. ساڳئي درشيه کي شاهه وري به ڪم آڻي چيو آهي:

جنب وهائي چڙهيا، مل مونيءَا گهوٽ،
ان سين، طبل، باز، تبرون، کند، کٽار، کوٽ،
علي پٽ اموٽ، کندا راڙو روڪ سين

يا

جنب هائي چڙهيا، مل مونيءَا جام،
ان سين، طبل، باز، تبرون، نيزا ۽ نيشان،
علي پٽ اَيام (معصوم) کندا راڙو رڪ سين.

ڪوئل:- سُر معذوريءَ ۾ شاهه هن پکيءَ جو ورنن ڪيو آهي ۽ وري ساري رسالي ۾ صرف هڪ دفعو ئي هن پکيءَ جو ورنن ٿو اچي. شاهه چوي ٿو:

رڃن ۾ رڙ ٿئي، ڪر ڪوئل، جي ڪوڪ
ولولو (آواز) ۽ روڪ (ڪوڪ)، اي تان آهي عشق جي.

صرف هن سٽن ۾ ئي شاهه هن پکيءَ جي آواز ۽ رهائش جي هنڌ جو بيان ڪيو آهي. ڪوئل کي شاهه

پاڳي ڏسڻ ۾ ايندا هئا، جو شاهه چوي ٿو:

ڪارايل (مور) جي ڪوڏ، مون ڪنجهر سب نهاريو،
وري واهيڙي (آکيري) تي وريا، الا لاکيڻي لوڏ،
هنيئت جنين سين هوڏ، هنجڙا سي هلي ويا.

هتي شاهه اهو وڳيانڪ ريت ٻڌايو آهي ته هيءُ ٻه پکي موسمائتا (Seasonal) پکي آهن ۽ پاترڪ پکين (MIGRATORY) جي حالت ۾ ڪٿي ڪٿي صرف ٿڪ ڀڃڻ لاءِ ئي اچن.

باز:- هن پکيءَ کي پالتو پکين ۾ ڳڻجي ته ٻه ٿهي، ڇو ته ان جو ثبوت گرو گوبند سنگهه جي تصوير مان به ملي ٿو، جنهنجي پنجي تي باز وهاريل ڏيکاريو ويندو آهي. تنهن ڪانسواءِ شڪاري به هيءُ پکي پاليندا آهن، ڇو ته هيءُ پکي کين شڪار هٿ ڪري ڏيڻ ۾ چڱي مدد ڪري ۽ جڏهن شڪار جا ساڌن اڄان اڻلڀ کين ٿيا هئا، باز دٺاران ئي شڪار جو لطف ماڻڻ ۾ ايندو هو، جو مغل زماني تائين هليو.

ڪنهن وقت ته هن پکيءَ کي پڪ جو هٿيار ڪري به ڪم آندو ويندو هو، جنهنجو ورنن شاهه سر ڪيڏارو ۾ ڪيو آهي. ڪيڏارو اکر جي معنيٰ ئي آهي جنگ جو ميدان. هيءَ راڳڻي ديپڪ راڳ جي پنجن پارياڻن مان هڪ آهي. سر ڪيڏارو جي داستان ٻئي ۾ شاهه چوي ٿو:

طرف آهي، هڪ ريگستاني ۽ ٻيو ٻوري ناري وارو.
هر سال اهڙي ريت اچڻ جي شاهد خدمت پنهنجي وڏي
اٿي ڏسجين، پوءِ جدوجهد ڪنديون، بيابان، جبل،
ٻاٻيون، نهرون ۽ درياهه ٽپنديون اچيو وارد ٿين.
اهيءَ ڪري ئي شاهه چيو آهي.

آئيون اڳئين هير - اصل سندي آسري
پڙ پسان نه پير - سيڻن ساڃهر لڌيو.

ڪونجون دائمي پکي ڪينهن. ان جو ثبوت به
شاهه واهه جو ڏنو آهي، جڏهن چوي ٿو:

قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سندو روهه
تنهنجو ڪونهي ڏوهه، رزق رازق هٿ ۾.

سڀ ڪونجون جي هڪ کهي اچن ٿيون ته پنهنجي
اڳواڻ لاءِ ۽ چوڪي هٿ ڪرڻ جي سمت به شاهه
صاحب سندن من ۾ پنهنجو پاڻ وجهيو ڇڏي. ڪونج
جو تاج اڪثر تڏي سارڻ ئي ۽ ... پڙڻ ۾ آيو اٿم ته
جڏهن ڪڏهن سنهڙو ڏاهه به ڪانئي، ته پوءِ جا ساوا
جيت به ڪانئي. ڪڪ ۽ ڳاهه ڪائيندي به هو ماريءَ
جي ڪوڙڪي ۾ قاسط کان هميشه هوشيار رهن.
سندس اها عادت شاهه به ارپوري آهي.

ڪونج نه پسن ڪڪ، لب (ڪوڙڪو) جو سين لڳ ٻيو
ماري ماري لڪ، وڳر هٽي ويڄون ڪئا.
(لب سو = لڪو، ويڄون = پرزا)

ڪوول ڪري ليکيو آهي ۽ چوي ٿو هيءُ پکي ريگستاني ٿئي ۽ سندس آواز ڪوڪو جهڙو ٿئي، ائين جيئن سچو عاشق آهون ڀريندو آهي.

ڪونج: عام طور ائين سمجهيو ويندو آهي ته ڪونج اتر کان اچي ۽ ورتي موٽي ٿي. اتر ڏي، تنهن مان پروري ٿو سگهجي ته هيءُ پکي مندائتو پکي آهي ۽ هن پاسي شايد بيضا لاهڻ ٿو اچي، ڇو ته اترائي ٽڪرين جي آبهوا هن پکيءَ جي بيضن ڏي ڦوڙڻ ۾ شايد پوري مدد نٿي ڪري. البت اها خبر پئجي ڪانه سگهي آهي ته ڪونجون پنهنجيءَ موسم جي خبر ڪيئن ٿيون رکن، پر وگيان طور پرکيو ويو آهي ته هوا ۾ گرمي پد جي بدل سدل ڪري سندس رت جي گرمي پد ۾ ڦيرو ٿو اچي ۽ هو اهو ناٽو پچائي وڃن. سندس اصلي ماڳ تي روشني وجهندي شاهه صاحب سر ڍهر ۾ چيو آهي:

اتر ڏي آلاپ، ڪاليا ڪون (ڪلهه کان) ڪونج ڪري.

ڪونج جي اچڻ جو طرف ٻڌائيندي شاهه سر معذور ۾ چوي ٿو:

رچن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪرڪي ڪونج.

يا وري سر ڍهر ۾ چوي ٿو:

اڀرن ڀور (نهر جو نالو) ڀري، اصل سندي آسري.

انهيءَ مان ثابت آهي ته ڪونجن جي اچڻ جا ٻه

البت سرخروئي ٿي ٿي جو ٻين سدائين سندس
ڪڍ نه ٿي ورتي. ورڻ جي اڳواڻي ڪندڙ ڪونج
نر ٻچي ٿي اُٿي ته به سڀ سندس پويان.
اڪل پيدرهن ڪان ويهه ڪونجون هڪ وڳر ۾ ٿين. نر
ٻچي جي ڪونجون اڏامڻ لاءِ پرن سچيءَ کي اطلاع
ڏيڻ لاءِ آواز ڪنديون.

ڪونجون ٿيون ڪٽڪن، جيڪس هلنا هاريون،
ٻچا پوءِ اُٿن ۽ وچين وانڊا (دانهون) ڪنديون.

ڪونجون پاڻ اڳيان هلنديون رهنديون ۽ ٻچا پوئتا
ايندا رهندن ۽ اڳواڻي ڪندڙ ڪونجون واڪا ڪنديون
ٻچن کي سڏ ڪنديون رهنديون، پر جي وچ ۾ ڪا ڪونج
جدا ٿي وڃي ته موٽي پرن ان کي ڳولهين، پوءِ
انهين سر اڳيان وڌنديون. شاهه پڻ چيو آهي:

وڳر اکيوءِ (ياد ڪري) سر، وهندي جاءِ ساريون،
سور چري جهري جهجهندي وري، سنڀها ڪي سڄين،

وڳر کان الڳ ٿي ڪا ڪونج پلجي ته دک ۽ غم
وڌهيو وڃيس ۽ انهيءَ فراق ۾ پنهنجي سهيلين کي
ياد ڪري ۽ هو به سندس ڳولها ڪنديون آواز جي
ڪڍ ونيو اچي ڳولهي لهنس.

ڪونج جي آواز کي شاهه دردي دانهن ڪري
چيو آهي:

هن مصرع ۾ شاهه هن پکيءَ جي پاڻ ۾ ٻيلهه رهڻ
جي عادت کي به دهرايو آهي. وڳر ڪري ڦرڻ جي
عادت هن پکين جي هڪ خاص خوبي آهي،
تڏهن ته شاهه ور ور ڪري ٻڌي چيو آهي:

وڳر ڪيو وتن، ٻرڪ نه ڇنن پاڻ ۾،
پسون پکيئڙن، ماڙهئان ميٺ گهڻو.

يا

وڳر وساري، ونئين ڪنءَ مانڌ ڪري،
ڪاتو نه ماري، ٻارڻ جهڙ (سس قس) سندي سڄڻين.

يا

وڏي وڳر هيرائين، ڇڏي نه ٿئين گڏ.

يا

وڳر ۾ وائي، ڪا نه تنهنجي ڪونجڙي،
سر ۾ سارينئي، گهڻو پيئر ۾ پائي؛
پسن نه ٿاهي، جا ماري سندي من ۾.

وري جي ڪونج وڳر کان الڳ ٿي ٿئي ته شاهه
ڪونج کي اطلاح ڏيندي ٿو چوي.

وڳر ويا وهي، ڪال تنهنجي ڪونجڙي
ڪنداينءَ ڪوهه رهي، سر ۾ سيرائينءَ ري؟

هڪ دفعي ٽلاهه جي ڪپ تي مون ويٺي ڪونجن
جي وڳرن کي ڇتايو، ڏٺم ته هو سدائين (٨) واري
انگ جي صورت ۾ ٿي اڏامنديون رهن. اڳواڻي ڪندڙ

اهڙيءَ ريت شاهه جهرڪيءَ کي گهٽ طاقت واريءَ ڀنڀ وارو پکي سڏيو آهي، جو واقعي اُن جي برابر آهي.

ڪانو:- شاهه ڪانءَ جو ذڪر ڪندي ڪيس ڪانگ، ڪنباڻا، زاغ ۽ عجب وچان ڪانگڙا به ڪوٺيو آهي. شاهه ڪانو کي مڙيوئي وڏي اهميت ڏني آهي، ڇو ته ڪانو هر هنڌ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ سندس ”ڪان. ڪان“ هڪ اهڙي لات آهي، جو ڄڻ ته پکي ڪجهه چوڻ چاهيندو آهي، اسان جون ٻڌڙيون ڪين ڪانو جي ”ڪان... ڪان“ ٻڌي موٽ ۾ چونديون آهن:-

”ڪانگل ڪر ڪان- لولي ڏيانءَ مان.“

انهيءَ ڪري ئي ته شاهه ڪانو کي قاصد ڪري ڪم آندو آهي، جيئن سر سامونڊيءَ ۾ وڻجارن جي باري ۾ چوي ٿو:-

تو جنهن جي تانگهه سي سڄڻ سفر هليا،
اڄ اُس لطيف چئي، ڪڏهين ايندم؟ ڪانگا!
ڪهه سناڻي سانگ، ٻڌين پسر ڏيهي ڪنا.

يـــا

ان ڪي اڄ، ڪانگا! ڪڏهن ايندا مان ڳري (وڻ).

اهڙيءَ ريت ڪانو جي ”ڪان.. ڪان“ کي شاهه الست لنوڻ جي آواز سان ٻڌرو ڪيو آهي، جيتوڻيڪ سندس آواز ڪو، ڪن رس ڏيندڙ نه ٿئي ئي ڪين، پر شاهه عشق جي رنگ ۾ رنگجي ته ائين به چئي، ٿو آهي:-

م لنو ڪونج! ماف ڪر، چورم هڻين چاڪ
ڳوڙها مٿي ڳل، جم (هتان) وهائي (پره ڦٽيءَ) وهائين.

ورتي سنڌس وڇڙڻ جي فراق ۽ جبل وارن شاهه چوايو آهي.

روهه (جبل) راماڻا (دانهون) ڪن، اڄ پڻ هلڻ هاريون،
ڪر ڳل ڪونجڙيين، رئي م رات ڪٿو

اهڙي ريت ڪونج پاڻ ته ڀلي، سنڌس لاٿ ڀلي، ذات ڀلي، ڏيک ڀلو، ويک ڀلو، چال ڀلي، ٻال ڀلي، ڪاڄ ڀلو، راڄ ڀلو، ائين چئجي ته هيءُ پکي ڀلين ڀلين آهي.

ساري رسالي ۾ روز مرهه جي ڏسڻ وارن پکين مان شاهه صرف ٻن پکين جو ورنن ڪيو آهي؛ جي آهن جهرڪيون ۽ ڪانءَ.

جهرڪيون :- سر آسا ۾ شاهه حرص ۽ هوس کان پناهه پني آهي ۽ نفس کي داوڻ ڏئي، قابوءَ ۾ رکڻ جي رمز ٻڌائي آهي. ائين ڪندي هن ڦلهڙن ۽ ڪمزور شخصن جي پاڻيءَ ڦوڙن سان ڀيٽ ڪئي آهي ۽ مثال طور ٻڌايو اٿس تہ هو اهڙا تہ جهرڪيءَ جي چهنب جيان گهٽ طاقت آهن جو لڱي کان سواءِ ڪجهه لڏن ئي ڪين.

محروم ئي مري ويا، ماهر ٿي نہ مڻا
ٻڙي (جهرڪي) جنءَ چهنب هڻي، لڏ يانون لڻا،
عجائب (ٻد ٻدا) جن ۾ ئي هڻا، انهيءَ واديءَ (ماڻري) وچ ۾.

سو وهي ته آهي اکيون ٿي گهوڙيون جي پرينءَ سواءِ ٻيو ڪي ڏسن.

اکيون پرينءَ ريءَ جي، ٻيو ڪو پسن،
ته ڪڍي ڪي ڪانگا، نوالا نيڻ ڏيان.

يا

اُپرندي سڄ سا، پرين جي نه پسنديون،
ڪڍي ڪي ڪانگا، نوالا نيڻ ڏيان.

سر آسا ۾ شاهه ڪانگ کي پنهنجي دل ڪارڻ جو واڻن ڪيو آهي:

ڪڍي ڪانگا تو ڏيان هيئون ساڻ هٿن

سر حسيني ۾ سسئي جڏهن پنهونءَ جا پيرا ڳولهيندي اٿئي وڃائي ٿي هلي ۽ جڏهن ڪٿي پيرو ڏسڻ ڪين ٿو اچيس، تڏهن هوءَ بس ائين ٿي چاهي ته ڪانگل اچي ته ڪو پنهونءَ جو پتو ٻڌائيس:

گهوڙا! گهٽي پون (پنڌ)، ووءِ! ووءِ وڃن نگهٽا،
مادر! مٿاهون، ڪانگ لوندا ڪڏهن (ڪڏهين)

سر پورب ۾ شاهه ڪانو جي ڪيترن ئي صفتن جو واڻن ڪيو آهي، انهيءَ ڪندي شاهه پڇاڙي ويو آهي ته ڪانو جي هڪ وار ڪٿي ويٺو ته اڏامڻ ۾ سست پيو ٿيندو.

اڏر لڳا آهه ۽ ويلو (دير) نه ڪر وڃيءَ،

تنهن ڪانسواءِ ڪانو جي وهڻ جا مکيه هنڌ ٽين وڻ

"اُنين جي ٻچار، ڪالوڪر (ڪلهه کان) ڪانگ ڪري."

سر سهڻيءَ ۾ شاهه سهڻيءَ جي وانـــان ورلاپ ڪرائيندي آخر ڪانگ جي اوٽ ورتي آهي، جڏهن سهڻي چوي ٿي ته اُها گهڙي ڀلي جي موٽي اچڻ جي تڏهن ايندي جڏهن ڪانگ لوندو. هن مان خبر ٿي پوي ته شاهه کي هن پکيءَ جي غيب پرکڻ جي ڇهين حواس جي به خبر آهي، جنهن ذريعي ايندڙ گهٽنائن کان آگاهه ڪيو ويندو آهي؛ يـــا جيئن اچا تائين گهر جي آڳنڌ، در يا ڌريءَ تي جڏهن ڪانو اچي لنوندو آهي ته سمجهيو ويندو آهي ته ڪو مٽ مائٽ يا ڪو خط پٽ ايندو، جيئن شاهه چيو آهي:

سڪ سڪنديـنءَ لاهه - وڇوڙ يـــا مهڙ پرين
ايڏي سگهه، سچا ڏڻي! تو هم کي جاڳاهه.
تن جنين جو طالبو، مهر تنين کي پـــاءِ،
هيڙائي جو، ماءُ! ڪانگ لنوندو ڪڏهن.

ڪانو ماس خور پکي آهي. ان جي ثبوت ۾ شاهه سر سسئي آبريءَ جي هڪ وائيءَ ۾ چيو آهي:

ڪانگ ڪينئيم (مونکي کائين) ڪيچ جـــا،
ماس چنجن (چهنبن) سان چوري.

سر آسا ۾ شاهه ڪانو جـي ماس کائڻ ڏانهن اِشارو ڪري ٿو، جڏهن پاڻ سچي رنگ تي پهچڻ کان پوءِ ڏاڍيءَ کي ڏسڻ جي اِچا ظاهر ڪندي اُنين به چئي

اُڇڙو اُڇڙو ٻون، واڪا ڪڙو وطن ۾،
سنهڙا سيڻن جا، ڇوليءَ ڇڙهيو ڇون،
ڪانگا نه ڪوڙاهون، پريان سنڌي پار جا.

وري ائين به ناهي ته ڪو نٿو اُس ۾ ڪانو ٻين ٻڪين جيئن ڪو ڇانو طرف رکي رکن. ڪانو جي ان عادت تي شاهه ڪيئن ٻنهدڄائيءَ وچان چيو آهي:

ڪانگل! ڪوهه ٿيو ءِ، پيو آهين پٽ ۾!
اڄ اُس تڙ ڪونه سهين، اڄ سارو ڏيهه سنوءِ.

قرب وچان شاهه ڪانو جي ڪان ڪڍهن ڪلڻ، سر ۾ ڳائڻ، واڪا ڪرڻ، وائي وارڻ، ڪيڪون ۽ دانهون ڪرڻ ڪري به ظاهر ڪيو آهي. انهيءَ مان سمجهه ۾ ٿو اچي ته شاهه هن پکيءَ جي هر آواز کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيئن اڪثر ڪو سائنسدان ڪندو آهي.

ڏاهي چڙهي ڏار تي، زاغ ڪري زاريون (دانهون)

يا

ڏاهي چڙهي ڏار تي، ڪاجا لاءِ لنئي (لڻين)
ڪانگل قرهن جا، اچي وائي وات.

يا

ڪانگل ٻنهي ڇانگ (اُڇل)، جڏهن جيءُ جيار يو
مٺان لامن لت ڏيو، پولين سر نيلانگ (ٻين گڏ ٿارين تي)

شاهه سنڌ جي رسمن رواجن کان بلڪل واقف هو،

جون ٽاريون، گهرن جا منهن يا ڇنيون ۽ در، وڻن جون لامون ۽ چوٽيون. شاهه انهن سڀني هنڌن جو پورو پورو اڀياس ڪيو آهي.

ڪر ڪنيو ڪانگ لنئي، متي (منهن) ٿي مضبوط.

يا

متان مدهه مهڄي، ڪو اُڏايو ڪانو؟

يا

ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪي جو ڪانگ ڪهيو.

يا

ڪي جو راغ زبان سين لنيو مٿي لام،

يا

قريبن جو ڪانگڙو، مٿي ٽار ٽلي،
ڪنيو ڪيانئو خبرون، ڪيرون ڏيو ڪلي.

يا

پريان سندي پار جو ڪانگل نہ ڪوڙو
اچي ويٺي وچ ۾، مٿي در دوڙو.

وري ائين بہ ناهي تہ ڪانو جتي وهندو، اتي چپ چاپ ڪيو ويٺو هوندو. هيءَ پکي ڪٿي بہ وسرام نہ وٺي. رڳو "ڪان - ڪان" جي رٽ لڳائي بہ وڻ جي هڪ ٽاريءَ تان ٻيءَ تي چڙهندو ۽ لهندو ۽ ٻيو ٽپا ڏيندو. شاهه اهڙو اڀياس ڪيو آهي:

همت شاهه ڪانو کي پيرين پوڻ جي شخصيت ارپي ڏني آهي ۽ انهن ئي ڪانگ جهڙي پکيءَ جي هيءَ تمام گهڻي ساراهه ڪري ليکجي ته به نهي. شاهه ان ڪان ٻه ٻه ڏاڪا اڳتي وڌي چوي ٿو:

ٿو ٻه بوءِ بهار جي، مشڪ ڪٿوري مڻ،
اچي عجيبن جو اورانگهه اڱڻ،

ته ڄڻ شاهه حد ڪري ڇڏي آهي؛ پر شاهه کي ان جي ڪا پرواهه ڪانهي، ڇو ته پاڻ چوي ٿو:

ڪانگل! سي ٿي ڪوٺ، پرين جي پرڏيهه وٺا،
جنهن ري جهان ٻڻ، اکڙين آروٺ (خشڪ)،
الاهه لڳه لطيف چي، ڪج ڳاراڇو (حال احوال) ڳوٺ،
جي ڏمر ٻيا ڏوٺ (ڏک)، سي اڏامي آڻ پريان.

ورئي پيار وچان هو ڪانگل کي ڪوني ڳالهيون ڪرڻ لو چاهي:

آءُ اڏامي ڪانگڙا، پارا نپار (سنڌن پيغام) پچار،
وٺهي همت وصال جو، ٿان ڪوٺرو (ٿورو) ٿوار (تدوار)،
جي ڏسڻ ٻه ڏيسار (پوي)، سي اڏامي آڻ پريان.

هر وقت شاهه ڪانگل کي جلد از جلد موٽڻ لاءِ پيو آزي نيزاري ڪري:

وِهلو (جلد) وريا پريان، آءُ ڪانگا! وڃ ويهه،
عنبن ڏور چيتا رتو ڏيهه، سي اڏامي آڻ پريان.

يا

ڇھن ڪري ڳوٺاڻن جو پرينءَ ڏي ڪانگل کي قاصد
ڪري موڪلڻ جو ڍنگ ڪيس وٺيو ۽ ان کي ٻاڻ ۾
قاصد ڪري سنيھو پھچائڻ جو ڪم سونپيائين:

پرين جي پرديس ۾، تن جي ڪانگ ڪج خبر،
تہ سڀ مڙھايان سون سين، پڪي تنھنجا پر،
گھمي مٿي گھر، ڏج رانيايان پرين کي.

وري جڏھين موٽي تو اچيس تہ پنھنجي پرينءَ
جون خبرون تو پڇيس:

آءُ ڪانگا وڻ ويھہ، سڏيون ڏي ساٿيھہ جون،
چڱا ڀلا سپرين، ڪ سڪ وسي ساٿيھہ،
پرين لاءِ پرديھہ، مون ٿان گھڻو نھارئيو.

سنڌ ۾ ڳوٺن جا ماڻھو خوش و خير عافيت ڪرڻ
وقت ھڪ ٻئي کان قرب مان پڇندا ھئا: "ادا! چڱا
ڀلا، خوش راضي وغيره..." ساڳي ڳالھہ شاھہ بہ دھرائي
آھي. وري شاھہ ڪانگل کي قرب مان پيو ڪوٺي،
سنيھا پھچائڻ لاءِ پيو سکيا ڏئي ۽ ائين ڪندي شاھہ
ثابت ڪري ڏيکاريو آھي تہ برابر سندس وقت ۾ اڄ
وارو ٽپالي سرشتو ڪين ھو.

ڪري ڪانگ ڪرنش (سلام)، پرين پري ٻڌيج،
آئون جو ڏيھي سنيھو، وچ ۾ وساريج،
الاھہ لڳہ لطيف چئي - ڳجھو ڳالائيج،
چڱا نہ تن چئيج، تہ ڪنياتا خوش ھئين.

ڪري سمجهيو آهي ۽ ورئي ڪين هنج جي پيٽ ۾
پينو ۽ ڪين لڌو سهي.
ڪنگڻ سان ڪويل (خراب وقت) للا (پکيءَ جو قسم)
هم ڪڙ پين.

بيت

ڪنگڻ لٿي ڪارڻ، ڳڻيو هنج حبيب کي.

اهڙي ريت ڪانو ۽ مور (هنج) جي پيٽ ڪندي هنج کي ئي عمدو پکي ڪري ڄاڻيو آهي ۽ ڪانو کي بيحد ٻڇڙو.

سر سڪي سال ٿيا، هنج هريسو ئي پير،
ڪنگ وچارو ڪير، جو رسي انهيءَ رمز کي.

ڳجهه:- ڳجهه هڪ اهڙي قسم جو پکي آهي، جو اڪثر ڪري ٻوڙين ۽ ماس تي گذر ڪري. سر ڪيڏارو ۾ شاهه هن پکيءَ جي خوراڪ ڏانهن اشارو ڏنو آهي.

ڳاهه (ڪاڏو) ڳجهن جو ٿيءُ، وٽئي جن ورهه ٿيا.

بيت

